[8]

اسلام ۾ علم جي ڳولا
شمس العُلماءُ مرزا قليچ بيگ

(يا، قديم يوناني، فارسي ۾ سنسڪرت ڪتاب، مسلمانن جا ترجمه ٿيل)
مسلمانن جو نبي صلي الله عليه وسلم اُمي هو، يعني پاڻ، لکي پڙهي نه ڄاڻندا هئا. اسلام کان اڳي، يعني جاهليت جي زماني ۾، عرب شاعر، گهڻا هئا، پر لکي پڙهي نه ڄاڻندا هئا. جي ڪي ڪجهه، ضروري لکڻو ٿيندو هو، ته هيبرو يا عبراني اکرن ۾ لکندا هئا. سگهوئي پوءِ، عربي صورتخطي پيدا ٿي، پر سا به نقطن کان سواءِ اکرن ۾، جنهن کي ڪوفي خط چوندا هئا. حضرت جن جي وقت ۾، حضرت علي □ کي ٻيا ٿورا اصحاب، عربي لکي پڙهي ڄاڻندا هئا، پر سو به انهيءَ ڪوفي خط ۾. خليفي

حضرت عثمان، قرآن مرتب ڪيو، ته به انهن ئي اکرن ۾. نقطن نه هئڻ ڪري، گهڻيون غلطيون ٿينديون هيون، جيئن سنڌ، ۾ واڻڪن پڻن اکرن ۾ ٿينديون هيون، جي سڌريل هندو - سنڌي يا عربي - سنڌي پيدا ٿيڻ ڪري گم ٿيون.
عباسي خليفي عبدالملڪ بن مروان جي زماني ۾، حجاج بن يوسف جي ڪوشش سان، نصر بن عاصم، عربي حرفن تي نقطا ٺهرايا، جنهن جي ڪري، اڳوڻيون غلطيون، گم ٿيڻ لڳيون ۾ قرآن به پوءِ، انهن اکرن ۾ لکيو ويو.
لکڻ جي سامان جي به مشڪلات هئي. ڪاٺي يا ڪانهن جو قلم ۾ پيٺل اڱرن ۾ ڪونر جي مس، پهرين ڪم اچڻ لڳي، پر ڪاغذ ڪو نه هو. ڪل، ڪپڙي يا تختي تي لکندا هئا. مصر جي فتح ڪرڻ ڪان پوءِ، پاپيرس پارق ڪم اچڻ لڳو، جنهن مان انگريزي لفظ پيپر نڪتو. سچو پچو ڪاغذ، عباسي خليفي هارون الرشيد جي وقت ۾ ڪم آيو ۾ فضل بن يحی برمڪيءَ، ڪاعذ ٺاهڻ جو ڪارخانو

ڪڍيو، جو سگهو ئي بغداد ۽ شام ۾، ۽ پوءِ اندلس يا اسپين ۾ آيو ۽ اتان، ان جو رواج، يورپ ۾ پيو. جتي تيستائين اهڙو سڌارو ڪو نه هو. ٽين ۽ چوٿين هجري صديءَ جا ڪاغذ تي لکيل ڪي ٿورا ڪتاب، لنڊن جي عجائب خاني ۾، اجا موجود آهن. اسلام جي شروعات کان وٺي، عباسي خليفن جي زماني تائين، هيٺين مضمونن جي علمن تي، عربن ڪتاب لکيا:

- علم صرف،
- علم نحو،
- علم انشا،
- علم لغت،
- علم عروض وقافيه،
- علم بديع،
- علم ڪلام،
- علم مناظره،
- علم معاني،
- علم ادب ۽
- علم تاريخ.

علمي مايي وڌائڻ لاءِ ۽ ڪتابي خزاني
زيادهه ڪرڻ لاءِ عربن ۽ ٻيا علم وارا
مسلمان، ٻين ملڪن ڏي نهارڻ لڳا ۽ جدا
جدا مضمونن جا ڪتاب، هٿ ڪري،
عربيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لڳا، انهيءَ ڪم
لاءِ، اگرچه، هو چين تائين به ويا، ته به
گهڻا ڪتاب، هنن، پهريائين يونان، ۽ پوءِ
ايران ۽ پوءِ هندوستان مان هٿ ڪيا، ۽
عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. مطلب ته اسلام ۾
باقاعدي تعليم، سن 143 هجريءَ ڌاري
شروع ٿي ۽ پوءِ، ٻن ٽن صدين جي اندر،
هزارين عالم، فاضل، مجتهد، فقيهه،
حڪيم، فيلسوف، اديب، شاعر ۽ مؤرخ
پيدا ٿيا، جن تي مسلمانن کي، فخر ڪرڻ
جو واجبي سبب آهي ۽ جن کان مغرب
يا يورپ وارا، فيض حاصل ڪرڻ لڳا،
جتي اوستائين، علم ۽ هنر جو نالو ئي
ڪونه هو. مسلمانن جي مدرسن ۽ تعليم
گاهن ۾ پڙهي ۽ انهن جي ڪارخانن ۾
هنر سکي، ڪيترن يورپين ماڻهن، علم ۽
هنر، پنهنجن ملڪن ۾ وجي پکيڙيو ۽
انهيءَ طرح، يورپ ۾ علم ۽ هنر جو

سڌارو ٿيو. انهيءَ لاءِ، يورپ وارا، اسلام
جا احسانمند □ شکرگذار آهن.
* انگريزي مشهو عالم راجربيکن، اسپين
جي اسلامي يونيورسٽيءَ يا دارالعلوم □
پڙهيو.
روم جا پوپ سلوسٽر □ کنسٽنٽائين ٻئي،
عرب استادن جا شاگرد هئا.
* حسابي علم جون سڀ شاخون،
سائنس جا سڀ قسم، کيميا يا
کيمسٽري، قدرتي علم، طب □
دواسازي، خاص اکين جي طب،
اسپتالون، دوا خانا، شفا خانا، چرين جون
اسپتالون، علم نجوم، علم هيئت، علم
تاريخ، علم جغرافيه □ ڌرتيءَ جي
پيمائش، عمارت سازي، علم زراعت،
سُٽَ □ ريشم جا کارخانا، کاشي □ مينا
جو کم، اهي سڀ علم □ هنر، پهرين،
مسلمانن شروع کيا □ پوءِ، يورپ وارن،
انهن کان سکيا. اکثر، اُهي سڀ علم □
هنر، عباسي خليفن جي ڏينهن □ شروع
ٿيا. هر هک دور □، جي ماڻهو، نهايت

مشهور ٿي گذريا، تن مان ڪي ٿورا هتي ڏجن ٿا:
* صرف نحو ۾، ابوالاسود ۽ عبدالرحمان.
* لغت ۾ خليل بن احم الغراهدي، زمخشري ۽ ثعلبي. قصن ۽ شعر ۾ خليل بن احمد (مثيون)، همداني، حريري، اصفهاني، ابونواس، امراءَ القيس، لبيد، متنبي ۽ ابوالعلا.
فسلفه ۽ حڪمت ۾ الڪندي، الفارابي، ابن سينا، ابن باجا، ابن رشد ۽ غزالي.
تاريخ ۽ جغرافيه ۾ واقدي، ابن قطيبه، مسعودي، حمزه اصفهاني، نويري، سيوطي، ابن خلدون، ابو الفدا، ابو الفرج، ابن الاثيري، نوادي، ابن خلقان، يعقوبي ياقوت، اسطخري، بيروني ۽ ادريسي.
نجوم ۾ الخوارزمي، يحی، ابو معشر، الفرعاني ، الڪندي.
علم هيئت ۽ حساب ۾ الخوارزمي، طب ۽ ڪيميا ۾ ڀين قدرتي علمن ۾ الفارابي، ابو سينا، ابن البيطار طيفشي ۽ ڪيترائي ٻيا.

افضل علماء اللغة العربية :-

1. **ابن فارس** : هو ابو الحسين أحمد بن فارس بن زكريا الفزويني الرازي ، توفي في عام 1004 م ، عالم وإمام اللغة العربية ، هو أول من أطلق مصطلح فقه اللغة ، وأول من أطلق على نشأة اللغة العربية "التوفييقية ، له العديد من المؤلفات في اللغة والأدب والبلاغة كانت أشهرها معجم مقاييس اللغة ، اختلاف النحويين ، والاتباع والمزاوجة

افضل علماء اللغة العربية في التاريخ

كتب بواسطة كتب في: الافضل

تعتبر **اللغة العربية** من أهم اللغات في العالم وأكثرها انتشارا ، وترجع أهميتها تحديدا كونها لغة مقدسة فهي لغة القرآن الكريم وهي اللغة التي تقوم بها سائر العبادات ، وهي أيضا لغة رئيسية لدى العديد من الكنائس المسيحية في الوطن العربي ، وكتب بها الكثير من الأفكار اليهودية في العصور الوسطى ، وقد أثرت اللغة بشكل أو بآخر على الكثير من اللغات الأخرى في الدول الاسلامية كالتركية والفارسية والكردية والأمازيغية والأندونيسية والماليزية والألبانية . اللغة العربية هي اللغة الرسمية في جميع دول الوطن العربي وفي تشاد وارتيريا ، وهي ضمن اللغات الرسمية المسجلة في منظمة الأمم المتحدة . ويعود أصول اللغة العربية إلى العصر العباسي حيث أنه يقال بأن يعرب بن قحطان كان أول من تكلم اللغة العربية ، ولكن يرى البعض الآخر أنها أقدم من ذلك بكثير فهي لغة آدم عليه السلام في الجنة . ولأهمية اللغة العربية وأهمية علمائها الذين لهم الفضل في نشر هذه اللغة

وتطويرها ، نقدم لكم قائمة بأفضل علماء اللغة العربية في التاريخ .

افضل علماء اللغة العربية :-

1. **ابن فارس** : هو ابو الحسين أحمد بن فارس بن زكريا الفزويني الرازي ، توفي في عام 1004 م ، عالم وإمام اللغة العربية ، هو أول من أطلق مصطلح فقه اللغة ، وأول من أطلق على نشأة اللغة العربية "التوفييقية ، له العديد من المؤلفات في اللغة والأدب والبلاغة كانت أشهرها معجم مقاييس اللغة ، اختلاف النحويين ، والاتباع والمزاوجة
2. **ابن جني** : هو ابو الفتح عثمان بن جني ، ولد في عام 322هـ عالم نحوي تعلم على يد أحمد بن محمد الموصلي الأخفش ، له أكثر من خمسين كتاب من أشهرهم كتاب الخصائص عن بنية اللغة وفقها ، وكتاب سر صناعة الإعراب .
3. **اسماعيل بن حماد الجوهري** : عالم لغوي توفي في عام 393 هـ ، هو مؤلف معجم "
تاج اللغة" وصحاح العربية"ـ ، يذكر أنه حاول الطيران عبر جناحين صنعهما من الخشب وسقط شهيدا للعلم آنذاك.
4. **مجد الدين الفيروزآبادي** : هو ابو طاهر مجد الدين محمد بن يعقوب بن محمد بن ابراهيم الشيرازي الفيروزآبادي ، ولد في عام 1329م ، اشتهر بتأليفه كتاب القاموس المحيط وسفر السعادة ، واللامع المعلم العجاب ، والجامع بين المحكم والعباب .

5. **الخليل ابن احمد الفراهيدي** : هو الخليل بن أحمد بن عمرو بن تميم الفراهيدي ، ولد في عام 718 وتوفي في عام 786 م ، إمام اللغة العربية وهو أول من وضع علم العروض ، واشتهر بتأليف كتاب معجم العين الذي يعد أول معجم قائم على الترتيب الصوتي .

6. **ابن سيده** : هو علي بن اسماعيل ، ولد في عام 1007 وتوفي في 1065 ، كان إماما في القراءات ورواية اللغة ، واشتهر بتأليف كتاب "معاجم أندلسي" ، وكتاب المحكم والمحيط الأعظم ، وكتاب المخصص .

7. **ابن منظور** : هو محمد بن مكرم بن علي ابو الفضل جمال الدين ابن منظور الأنصاري الرويفعي الإفريقي ، ولد في عام 1232 م ، عالم في الفقه الإسلامي واللغة العربية ، ومن أشهر أعماله "معجم لسان العرب" ، قام باختصار وتلخيص العديد من كتب الأدب الطويلة مثل مختصر تاريخ دمشق لابن عساكر ، ومختصر الأغاني في الأخبار والتهاني للأصفهاني ،ومختصر مفردات ابن البيطار .

8. **سيبويه** : هو عمرو بن عثمان بن قنبر الحارثي ، ولد في عام 765 وتوفي في عام 796 م ، عالم نحوي كان أول من بسط علم النحو ، من أهم مؤلفاته كتاب سيبويه في النحو .

9. **ابن خروف** : هو ابو الحسن علي بن محمد بن علي بن خروف الاشبيلي ، ولد في عام1130 وتوفي 1212 م ، اشتهر بمهارته في التدقيق اللغوي ، وشارك في علم الأصول

، من أشهر مؤلفاته كتاب شرح لكتاب سيبويه ، وقام بتدريس علم النحو العربي في الكثير من البلاد .

(1)
قديم يوناني ڪتاب

هاڻي هيٺ ڏيڪاريون ٿه مسلمانن، پهرين يونان مان، پوءِ ايران مان ۽ پوءِ هندستان مان، ڪهڙا ڪتاب ورتا ۽ ترجما ڪيا ۽ ڪهڙن اُهي لکيا؟ يونان مان اڪثر، فلسفه، طب ۽ منطق وغيره جا ڪتاب، مسلمانن چونڊيا. يونان ۽ رومي ۽ پيا آس پاس وارا ملڪ به اچي وڃن ٿا.

(1) رسطيقوس (ارسٽيڪس)۔ جنهن جو مشهور ڪتاب حدود، ابو وفائي ترجمو ڪيو. هو دهري طريقي جو هو، پر پوءِ، جڏهن فلسفي حڪيم آيا، تڏهن حڪيم جا ڪتاب بند ٿي ويا.

(2) فيثاغورث (پٿاگوراس). علم رياضي، هندي، هيئت، نجوم، طب، ڪهانت وغيره تي ڪتاب لکيائين۔ اهو پهريون حڪيم هو، جنهن دهرين ۽ طبيعي فرقي وارن

کي رد ڏنو ۽ زمين کي چرندڙ ۽ سج کي بيٺل ڄاڻائين. اُنهيءَ جا گهڻائي ڪتاب آهن، جي ترجمو ٿيا. ڪي خاص هي آهن: ارسماطيقي (ارٿميٽڪ)، الواح، النوم واليقظه، رساله الذهبيه، الالات، العقايد، تڪوين العالم، ابي متجرد، ابي سقناني، استخراج المعاني، بيانات العقليه وغيره
(3) سقراط (ساڪريٽيز). جنهن جا گهڻائي شاگرد هئا، جي پوءِ استاد ٿيا. هو موحد هو ۽ علم معقولات تي گهڻا ڪتاب لکيائين. مڙيئي ايڪهٺ ڪتاب، جدا جدا مضمونن تي سندس لکيل آهن، جيئن ته توحيد، مناجات، عقل، نفس، جوهر ۽ عرض، حسن ۽ لذت، هندسه، وغيره ڪن ڪتابن جا نالا هي آهن: تالخيس، لاخس، خردس، فريطن، فيلوطوتي وغيره.
(4) بقراط (هپاڪريٽز): جو طب وارن جو استاد هو. انهيءَ جا گهڻائي ڪتاب آهن. مثلن عهد بقراط ۽ فصول، جي حنين، عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا.

امراض الحاره جو ترجمو، عيسی بن يحي ڪيو. اخلاط جو ترجمو به حنين ڪيو،
 الماءِ والهوا جو به جيش بن حسن، انهيءَ تي شرح لکي. طبيعت الانسان به، حنين ترجمو ڪيو عيسی بن يحی، انهيءَ جي شرح لکي.
(5) اقليدس (يوڪلڊ): هن جا، رياضيءَ تي ڪتاب آهن، جي سندس نالي پٺيان مشهور آهن، ڪي موسيقيءَ يا راڳ تي به. ڪن ڪتابن جا نالا هي آهن: مناظر، مفروظات، طاهرات، معطيات، قسمت، قانون، ثقل و خفت، اقليدس وغيره.
جن عالمن، انهن جا ترجما ڪيا، سي هي آهن: يعقوب بن اسحاق الڪندي، ثابت بن قره، ابو علي حسن بصري، ابن هشيم، قاضي ابي محمد بن عبدالباقي بغدادي، اسحاق بن حنين، علي بن احمد عمراني، ابو حفص خراساني، ابوالقاسم انطاڪي، ابوالوفا، ابويوسف رازي   پيا.

(6) ارسطاطاليس (ارسٽاٽل): هي
هڪڙو وڏو يوناني فيلسوف ٿي گذريو
آهي، جو سڪندر جو استاد هو. هن جا
گهڻائي ڪتاب آهن، خاص ڇئن مضمونن
تي: منطقيات، طبيعات، الــٰهيات ، ۽
خلقيات. وري هر هڪ جا پاڱا آهن. جن
تي جدا جدا نالن جا ڪتاب آهن. اُهي
سڀ، عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ هيٺيان
عالم، انهن جا ترجمي ڪندڙ آهن: محمد
موسى بن شاڪر، حنين بن اسحاق،
جيش بن حسن، قسطار بن بوقا، يحيى
بن عدمي نحوي، ابوبشر مني، ابن مقنع،
ابن بهرين، ڪندي، احمد بن الطيب
درازي، فارابي، اسڪندر افريدوسي، ابن
ناعميه، ابراهيم بن عبدالله ۽ بيشمار ٻيا،
جن مان گهڻا عباسي خليفن پگهار تي،
انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيا هئا، جو يونان
مان پنج اُٺ ڪتابن جا، خليفي مامون
جي راڄ ۾ هن گهرايا هئا.
(7) جالينوس (گالن): مشهور يوناني
طبيب هو. چون ٿا ته هن، چار سو
ڪتاب، طب تي لکيا هئا. ڪن جا نالا

آهن: متفرق، الصناعته، مزاج، قوی طبيعت، علل، امراض، حميات، تشريح الكبير، اختلاف التشريح، تشريح الحيوان، ۽ ٻيا بيشمار. انهن جا ترجما ڪندڙ خاص هي آهن: حنين بن اسحاق، جيش، اصطفن بن نسيل، ابراهيم بن الصلت، ثابت بن قره، عيسی بن يحی، يحی بن بطريق، علي بن عيسی، وغيره.
(8) بطليموس (ٽالمي): هيءُ، نجوم ۽ هندسه جي علم جو استاد هو، جنهن رصد ۽ اصطرلاب بنايا. انهيءَ جا به گهڻا ڪتاب مشهور آهن، جيئن ته مجسطي، نقش الارض، جغرافيه، اعمال الرصد وغيره، ۽ انهن جا مشهور مترجم هي آهن: فضل بن يحی تبريزي، ابو ريحان خوارزمي، محمد بن جابر، ابو حيان، حجاج بن مطر، ابراهيم بن الصلت، حسين بن اسحاق وغيره.
مٿين مشهور يوناني حڪيمن کان سواءِ، هيٺيان حڪيم به آهن، جن جا ڪتاب، سرياني توڙي عربيءَ ۾ ترجما ٿيا: انڪساغورث (آنگزگوراس)، فلانوس، جو

فيثاغورث جو شاگرد هو □ جو ايران □
هندوستان □ به آيو هو. افليمون، جو
بقراط جو شاگرد □ فراست جي علم □
قابل هو. ابلونيوس يا بليناس، جو هندسه
□ رياضيءَ □ قابل هو □ جنهن جا
مشهور ڪتاب مخروطات، □ قطع
الخطوط □ قطع السطوح □ مقاصد
آهن، جي سيئي، ثابت بن قرت ترجمو
ڪيا. نيقوماجس، جو فيثاغورث جو
شاگرد □ ارسطاطاليس جو پيءُ هو □
حساب، طب □ راڳ □ ماهر هو □ انهن
تي، گهڻا ڪتاب لکيائين. اسقلادس، جو
اقليدس جو شاگرد هو. انهيءَ جا ڪتاب
اجرام، ابعاد، طلوع وغروب مشهور آهن
□ ترجمو ٿيا. فاليس رومي، جنهن
ارسطوءَ جي منطق ڪي شرح لکي □
ڪتاب احڪام المواليد □ برنذح لکيائين،
جن جو تفسير، بوزرجمهر لکيو □ عربيءَ
□ ترجما ٿيا. ارشميدس (ارڪميدس)، جو
هندسه □ رياضيءَ □ استاد هو. دوائر
متماسه، خطوط متوازنه، خواص مثلثات،
ماخوذات اصول هندسه، مفروضات، □

پيا سندس تصنيف ڪيل ڪتاب آهن، جي سڀ ترجمو ٿيا. اسڪندري افريدوسي، ارسطوءَ جي شاگردن مان هو. انهيءَ جا ڪتاب اصول عاليه، عڪس، فرق مابين جنس وهيولى، ۾ پيا، مشڪل فلسفه جا ڪتاب، جي سڀ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. منارائي، هندسه جو عالم، ابرخس بابلي، نجوم جو عالم، برقليس دهري، فرفوريوس، صوري، جنهن ارسطوءَ جي ڪتابن جي شرح لکي. ذي سي قوريدوس، جو محققن مان هو ۾ مفرد دوائن تي گهڻا ڪتاب لکيائين۔ طرقيسوس، اوطرقوس، اردساسيوس، اسڪندروس، برقطوس، باذنيس رومي، ذيوفروس، ديمقراطيس، ذيوقيطس، سنبليقوس رومي، طوريوس، طيقروس، فولس، يحى مصري. اهي سڀ عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

(2)


قديم فارسي ڪتاب

جڏهن مسلمانن، ايران يا فارس فتح ڪيو، تڏهن فارسي زبان تي، اسلام جو

۾ عربي زبان جو اثر ٿيڻ لڳو. اڳي، ايران ۾، قديم فارسي ڪم ايندي هئي، يعني درِي ۽ پهلوي، زند ۽ پازند، جي ٻوليون، سنسڪرت سان گهڻو مشابه هيون. جڏهن مسلمانن، ايران ڏي قدم ڪنيو ۽ عرب حاڪم ٿيڻ لڳا، تڏهن سرڪاري زبان، عربي ٿيڻ لڳي ۽ اُها قديم فارسي، گم ٿيڻ لڳي، پر سگهوئي، اُهي حاڪم ٿيڻ لڳا، جن جا آباواجداد ايراني هئا، تنهنڪري فارسي، وري جيئري ٿيڻ لڳي، مگر منجهس، عربي لفظ شامل ٿيڻ لڳا. سنه 442ھ ۾، اميراسماعيل سامانيءَ جي زماني ۾ ايران، ترڪستان ۽ خراسان ۾، اُها عربي آميز فارسي، سرڪاري دفتري زبان ٿي وئي، ۽ سگهوئي پوءِ، ايراني مسلمانن، تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪيو.


علم تاريخ

عباسي خليفن جي دربار ۾، اڪثر ايراني مجوسي، گهڻا هوندا هئا ۽ انهن کان، قديم فارسي ڪتابن جي ترجمي جو



ڪم، وڌڻ ۾ ايندو هو. پر عربن جي غلبي سبب ايران جي ڪتبخانن کي، گهڻو نقصان رسيو هو. تنهنڪري اُتي جي حڪمت، فلسفه ۽ اهڙن ٻين اعلى علمن جو، ڪو به ڪتاب، عربيءَ ۾، ترجمو ٿيل، ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. فقط علم ادب، علم اخلاق، علم طب، علم تاريخ ۽ جنگ جي فن جا ڪتاب ترجمو ٿيا، پر سي به پونئين زماني ۾، ۽ اردشير جي عهد ۾. مسلمانن کي، تاريخ جي علم سان، خاص دلچسپي هئي، تنهنڪري تاريخ جا جيڪي ڪتاب ملي سگهين، سي عربيءَ ۾ آندائون. انهن مان، ڪن خاص ڪتابن جا نالا هي آهن:

(1) خدائي نامه: عجم جي بادشاهت جو مفصل احوال، شروع کان وٺي پڇاڙيءَ تائين. اُهو، عبدالله بن المقفع ترجمو ڪيو ۽ انهيءَ جو نالو ”تاريخ ملوڪ الفرس“ رکيائين۔ اهو گهڻو پسند آيو ۽ انهيءَ جا گهڻائي نقل ٿيا ۽ گهڻو پڙهڻ ۾ آيو.


(2)آئين نامه: اها به هڪڙي مفصل تاريخ هئي □ ساڳئي شخص، انهيءَ جو ترجمو ڪيو. اُهو، هڪ وڏو ڪتاب آهي. اڪثر، پارسي موبدن وٽ رهندو هو.
(3) ڪهن نامه: هيءُ به آئين نامه جو ڀاڱو آهي □ آئين اڪبريءَ وانگي، انهيءَ □، جدا جدا عهديدارن □ منصبدارن جو ذڪر آهي، جي تعداد □ ڇهه سو ڏيڪاريل آهن.
(4) سيرملوڪ الفرس: ايران يا فارس جي جدا جدا بادشاهي خاندانن جي تاريخ آهي □ جدا جدا مصنفن جي لکيل آهي. عبدالله بن المقفع، محمد بن جهم برمڪي، زادويه بن شاهويه اصفهاني، محمد بن بهرام برمڪي، اصفهاني، اهي سڀ، انهيءَ جا ترجمو ڪندڙ آهن.
(5) سيڪراني (؟) هي هڪ مفصل ايران جي تاريخ آهي □ عبدالله بن المقفع جو ترجمو ٿيل آهي. مسعوديءَ، پنهنجي

كتاب مروج الذهب ، هن ڪتاب جي گهڻي تعريف ڪئي آهي.[1]
(6) تاريخ ساساني: هيءُ ڪتاب، ساساني شاهي خاندان جي مفصل تاريخ

---

[1] الكتب التي ترجمها : (عبدالله المقفع)
كتاب "فدينامه" في تاريخ ملوك الفرس ،
كتاب "آيين نامه" (آيين نامه؟) في عادات الفرس ونظمهم ومراسم ملوكهم ،
وكتاب "التاج" في سيرة أنوشروان ،
وكتاب "الدرة اليتيمة والجوهرة الثمينة" في أخبار السادة الصالحين ،
وكتاب "مزدك" ،
وكتاب "قاطينورياس" في المقالات العشر ،
وكتاب "باري أرميناس" في العبادة ،
وكتاب "أيسافوجي" أو المدخل لفورفوريوس الصوري
، وكتاب "أنا لوطيقا" في تحليل القياس .

ترجمات ابن المقفع : تحظى ترجمات ابن المقفع بأهمية كبيرة، وذلك لأنه نقل كتب الفرس المشتملة على ثقافتهم وتراثهم وأخلاقهم وسير ملوكهم، وهو ما كان يتناسب مع مزاج الخلافة العباسية الصاعدة. وقد نقل هذا التراث الفارسي المكتوب بالبهلوية (الفارسية قبل الإسلام) في أربعة كتب، أولها كتاب "خداينامه" في سيَر ملوك الفرس، وثانيها كتاب "آئين نامه" وهو كتاب في قوانين الفرس القدامى ورسوم ملوكهم في قيادة الجيوش وفنون الحرب والآداب العامة، وثالثها كتاب "التاج في سيرة أنو شروان" وهو كتاب في سيرة الملك كسرى أنو شروان وأخلاقه، ورابعها "نامه تنسر" وهو كتاب في تشريعات الفرس القدامى.
وهذه الكتب الأربعة المنقولة إلى العربية في حكم المفقود، وذلك لأن مادتها استُوعبت في أعمال مؤلفين عرب تالين لابن المقفع مثل ابن قتيبة والثعالبي. لذا، فقد تكون الحاجة إليها قلّت مع مرور الزمن فتعرضت للضياع.
كتاب "خداينامه"
وظل كتاب "خداينامه" مصدراً أساسياً لجميع سير الملوك التي ألّفت بالعربية في العصر الإسلامي، فقد وردت منه فصول وقطع في "عيون الأخبار" لابن قتيبة، وكتاب تاريخ الملوك والأمم للطبري، وكتاب "غرر أخبار ملوك الفرس" للثعالبي، كما كان مصدراً أساسياً لكتاب "تاريخ سني ملوك الأرض والأنبياء" لحمزة الأصفهاني، وكتاب الشاهنامه للفردوسي.
وإضافة إلى سرد تاريخ الملوك الفرس، فإنّ الكتاب اشتمل على قصص فارسية ممزوجة بأساطير دينية مأخوذة من كتاب "أوستا" لزرادشت. ولا يُنكر أنّ نقل تاريخ ملوك الفرس في هذا العهد المبكر من الحضارة الإسلامية كان له أبلغ الأثر في بلاط الخلافة العباسية، وفي حذو الخلفاء العباسيين حذو ملوك الفرس.
كتاب "آئين نامه"
وجرى لكتاب "آئين نامه" مثلما جرى لكتاب "خداينامه" فقد فُقد أصله البهلوي والعربي، ولكن قطعاً منه بقيت في "عيون الأخبار" لابن قتيبة، وغيره من الكتب. والآئين كلمة بهلوية تعني الآداب والأساليب والقوانين والعادات. وتعني "آئين نامه" مجموعة من الكتب التي تهدف فن تعليم فن من الفنون مشتملة على قواعد ذلك الفن وآدابه وأصوله، وقد يختص كتاب منها في فن معين مثل آئين الرمي وآئين الحرب.
كما تهتم هذه الكتب بتحديد الآداب العامة ورسمها في التعامل بين الناس وبين الأصدقاء، وبين الملك وخاصته وحاشيته. وأدّت هذه الكتب إلى تمكن الآداب والأساليب الفارسية في

آهي. هن جو ذڪر پڻ مسعوديءَ ڪيو آهي، جو سنه 303ھ ۾ موجود هو. اُهو ساڳيو ڪتاب، هشام بن قاسم اصفهانيءَ به ترجمو ڪيو، جنهن جي

أروقــة الحكم وميـــادين الحــرب في عـــصر الخلافة العباسية.

كتاب "التاج في سيرة أنوشروان"

أمَّا كتاب "التاج في سيرة أنوشروان"، فهو يندرج تحت طائفة أخرى من الكتب تُدعى بتاجنامه، وهي كتب مكرسة لتقاليد الحكم الملكي، فيها آداب تتعلق بسياسة الملك وتدبير المملكة، وإصلاح أمور الرعية وتعاليم عملية للذين كانوا يقومون بأعباء الملك من الوزراء والكتاب وأصحاب بيوت الأموال والحجاب.

اشتملت "تاجنامه" كذلك على نصائح أخلاقية للملوك والحكام ترشدهم إلى أساليب حكم الرعية وإقامة العدل. هذه الكتب استُوعبت في البيئة العربية الإسلامية، وأعيد إنتاجها في قالب عربي، وكانت الأساس الذي بني عليه ما عرف في ما بعد الآداب السلطانية.

ومن الأعمال العربية التي استوعبت تقاليد ملوك الفرس في بيئة عربية، كتاب "التاج" في أخلاق الملوك للجاحظ (ت 255 هـ). والقارئ كتاب الجاحظ هذا يدرك كيف أنّ مادة الكتاب احتوت على أخبار كثيرة عن ملوك الفرس وسيرهم وأخلاقهم وعاداتهم، الأمر الذي يرجح اطلاع الجاحظ على ترجمات ابن المقفع بإجمال، خصوصاً إذا وضعنا في الاعتبار أن الجاحظ كان مولعاً به، كما يخبرنا المحقق أحمد زكي باشا، وكلاهما كان كاتباً مترسلاً.

كتاب "نامه تنسر"

أما الكتاب الرابع "نامه تنسر"، فهو أقدم وثيقة تشريعية وتاريخية وصلتنا عن تاريخ الفرس القدامى، وقد نقل عنها المسعودي في كتابيه "التنبيه والإشراف"، ومسكويه في كتابه "تجارب الأمم"، فحفظا لنا بعضاً مما أفقدنا الدهر إياه من هذه الوثيقة. ولكن شيئاً عجيباً حدث في تاريخ "نامه تنسر"، وهو أن محمد بن أسفنديار (ت بعد 750 هـ) أعاد ترجمة هذا العمل من العربية إلى الفارسية الحديثة، ثم ضمَّنه في كتابه "تاريخ طبرستان" باعتباره حافظاً التاريخ التشريعي لهذه المنطقة، وقد حفظ لنا الدهر "تاريخ طبرستان"، وترجم حديثاً إلى العربية، واهتم الأستاذ يحيى الخشاب بترجمة "نامه تنسر" إلى العربية ونشره مستقلاً.

كتاب "كليلة ودمنة"

عمل ابن المقفع في بلاط الخلافة العباسية، ولم يأل جهداً في نقل تراث ملوك الفرس القدامى وسيرهم وأخلاقهم وعاداتهم وتشريعاتهم، عبر هذه الأعمال الأربعة الضخمة، والتي لم يحفظها لنا الدهر ولكن خلفاء الإسلام وكتاب الخلفاء حفظوا هذه العادات الفارسية في حياتهم وعاشوا بها، وما نقله الجاحظ في كتابه التاج يشهد بذلك. أمّا كتابه "كليلة ودمنة" الذائع الصيت، فيقول عنه الشيخ اليازجي: "لم يبلغ كتاب مثل ما بلغ إليه من ترامي الذكر وبُعد الشهرة، لما اشتمل عليه من الأغراض الأدبية والسياسية وما استبطنه من فنون العلم والحكمة".

وعلى رغم أن الكتاب وضع في الأصل لأجل الملوك، فإنّ تعريب ابن المقفع البليغ له، جعل منه عملاً أدبياً كذلك. ولأجل هذا الغرض البلاغي كان الكتاب مقرراً على تلاميذ المدارس الثانوية في مصر وسورية وغيرهما من الأقطار العربية من نهايات القرن التاسع عشر إلى منتصف القرن العشرين.

وقد صدق اليازجي، فإضافة إلى قيمة الكتاب الأدبية، فهو ذو قيمة تاريخية مهمة. وذلك لسببين: أولهما فقد الأصل السنسكريتي للكتاب المرجحة كتابته ما بين 100 - 500 قبل الميلاد، وفقد الترجمة البهلوية التي اعتمد عليها ابن المقفع نفسه في ترجمته الحرة إلى العربية.

اصلاح، پوءِ بهرام بن مراد شاه نيشاپوريءَ ڪئي.
(7) رستم واسفندريارنامه: هن ۽، انهن ٻن پهلوانن جا ڪارناما ۽ جنگيون آهن. جبله بن سالم، انهيءَ جو ترجمو ڪيو.
(8) بهرام نامه: بهرام بادشاهه جي تاريخ آهي ۽ ساڳئي مترجم، جبله جو لکيل آهي.

وثاني السببين: أنّ ترجمة ابن المقفع كانت الأساس الذي بنيت عليه ترجمات كثيرة إلى معظم لغات العالم على امتداد مئات السنين دون الترجمة السريانية السابقة تاريخياً على الترجمة العربية، وذلك لعدم شهرتها. فعن ترجمة ابن المقفع هذه تُرجم العمل إلى السريانية الحديثة والفارسية الحديثة واليونانية والعبرية واللاتينية والإسبانية القديمة ما بين القرنين العاشر والثالث عشر الميلاديين.

ترجمة ثلاثة كتب منطقية لأرسطو

وكان من المحاولات الرائدة لابن المقفع في الترجمة من البهلوية إلى العربية، ترجمة ثلاثة كتب منطقية لأرسطو، المقولات والعبارة والقياس (التحليلات الأولى)، إضافة إلى ترجمة المدخل لفرفوريوس الصوري. ويذكر النديم أن الفرس كانت قد نقلت في القديم شيئاً من كتب المنطق والطب إلى الفارسية فنقل ذلك ابن المقفع وغيره. وقد يكون هذا النقل من اليوناني إلى الفارسي حدث بعد فتح الإسكندر الأكبر بلاد فارس قبل الميلاد. وإن أخذ هذه الترجمة وتاريخها المبكر في الاعتبار، من الممكن أن يطرح تساؤلات جديدة حول علاقة تطور العلوم اللغوية العربية بالمنطق الأرسطي.

كتاب "الأدب الكبير" و "الأدب الصغير" و "اليتيمة"

وقد اشتهر ابن المقفع كذلك بكتاب "الأدب الكبير" الذي نقله عن كتاب "ماقراجسنس" البهلوي، وهي الكلمة التي تعني الحكمة العالية أو الأدب الرفيع. ويلحق بكتاب "الأدب الكبير"، كتاب آخر يدعى "الأدب الصغير" وكتاب ثالث حيَّر ألباب المحققين، وهو كتاب "اليتيمة" الذي لم تحدد هويته بعد.

أهمية ابن المقفع وأعماله

إنَّ خريطة أعمال ابن المقفع تظهر بوضوح أهميته من جهات عدة، أولها: جهة نقله تقاليد الفرس وآدابهم في الحكم الملكي إلى الخلافة الإسلامية الذي كان أساساً للآداب السلطانية.

ثانيها: حفظ التراث الفارسي البهلوي البائد الذي لم يبق منه سوى الترجمات العربية، والتي اتخذت أساساً في ما بعد لإعادة ترجمته إلى الفارسية الحديثة مرة أخرى.

ثالثها: عمله وسيطاً لنقل التراث السنسكريتي من آسيا إلى أوروبا عبر ترجمة "كليلة ودمنة".

رابعها والأخير: مساهمته في إنشاء الفنون النثرية في الأدب العربي من خلال رسائله وترجماته الحرة البليغة.

إنّ تراث ابن المقفع المبكر المنتمي إلى النصف الأول من القرن الثاني للهجرة، ذو أهمية بالغة في فهم مدى تأثير روافد التراث الفارسي في حضارة الإسلام الناشئة.

(9) ڪارنامه: هن نالي جا به ڪتاب
آهن: هڪڙو، نوشيروان بادشاه جي
احوال بابت ۾ پيو اردشيربابک جي بابت،
جنهن پاڻ پنهنجو احوال لکيو هو، تزک
جهانگيريءَ وانگي.
(10) نوشيروان نامه: به، اهڙو هڪڙو
ڏار ڪتاب، ترجمو ٿيو.
(11) سيرت نامه: هداهود بن فرخ زاد
جو ترجمو ٿيل.
(12) شاهنامه: مٿين ڪتابن مان احوال،
عربي شعر ۾ لکيل، ابوعلي محمد بن
احمد البلخيءَ جو. تنهن کان سواءِ،
شهرزاد يا پرويز، بهرام ورسي نامه،
مزدک نامه ۾ ڪتاب التاج به ترجمو ٿيا.
نوشيروان جو وصيت نامو پنهنجي پٽ
کي، اردشيربابڪان جوعهدنامو شاپور
جي نالي، نوشيروان جو خط، فوج جي
سردارن ڏي ۾ سنديس، جواسب سان
خط ڪتابت به، عربيءَ ۾ ترجمو ڪئي
وئي.
شاهنامو، فردوسيءَ وارو، فارسيءَ ۾
گهڻو پوءِ لکيو ويو.

مٿين تاريخي ڪتابن جي نسبت ۾، هيترو لکڻ مناسب آهي، ته ڪن ڳالهين ۾، عربي ترجمن ۽ يوناني ترجمن ۾ فرق آهي، جيئن ته جيڪي ڪتاب، ايران جي تاريخ بابت، يونانين ترجما ڪيا، تن ۾ شميرغ (سيمُرغ؟) يا سفيد ديو، يا ضحاڪ جي نانگن وغيره جو ذڪر ئي ڪونهي، جنهنڪري يورپي يا مغربي مؤرخن جو چوڻ آهي ته اُهي، پنهنجا، ٺاهي گڏيا اٿن، اصل ڪين هئا. پر حقيقت هيءَ آهي ته يونانين، اُهي نه وسهي، ڇڏي ڏنا، پر عربن، ذري پرزي جو، سچو ترجمو ڪيو. انهيءَ بابت، مسعوديءَ به، پنهنجي ڪتاب ۾، صاف ڏيکاريو آهي ته ”مون، ئي اُهي ڳالهيون لکيون آهن، جي فقط ايرانين لکيون آهن، نه اُهي، جي ٻين قومن، جيئن ته يهودين، يونانين، يا رومين لکيون آهن، ڇالاءِ جو هنن جي ۽ ايرانين جي بيانن ۾ اختلاف آهن ۽ اسان کي، لازم آهي، ته اسين، ايرانين جو لکيو اختيار ڪريون.“

علم تاريخ تاريخ کان سواءِ ڪيترا
مذهبي ڪتاب به، ايرانين جا، عربيءَ □
ترجمو ڪيا ويا.
(پهريائين) ايرانين جي بانيءَ زردشت جو
پاڪ ڪتاب جو آسماني چوڻ □ ٿو اچي،
يعني اوستا، جو اصل قديم پهلوي زبان □
هو، □ جنهن جو ترجمو زردشت پاڻ
ڪيو □ انهيءَ جو نالو پازند رکيائين □
جنهن جي شرح، وري موبدن لکي □
انهيءَ جو نالو پارده رکيائين، اهي سڀ
پاڪ ڪتاب، سڪندر جي ايراني ڪتبخانن
جي ناس ڪرڻ هوندي، گهڻن هنڌن تي
پهچي ويا هئا، جي عربن کي هٿ آيا □
انهن جي هنن، ڏاڍي حفاظت ڪئي، □
پوءِ، انهن جو عربيءَ □ ترجمو ڪيائون.
انهيءَ بابت به مسعودي لکي ٿو ته
چوٿين هجري صديءَ جي شروعات
تائين، اهي ڪتاب، پوريءَ طرح موجود
هئا □ سيستان □، هڪڙي شخص کي ته
برزبان ياد هئا. حمزه اصفهاني (جو
چوٿين صديءَ □ هو، سو پنهنجي ”سني
الملوڪ“(**تاريخ سنی ملوک الارض و**

الانبياء) ۾، گهڻن هنڌن تي اوستا جي
عربي ترجمي جا حوالا ڏنا ٿو ڏئي ۽ پنهنجي
پئي ڪتاب تاريخ ڪبير ۾ به، اوستا جي
واقعن جو ذڪر ڪيو اٿس.
زردشت کان سواءِ، ايران ۾، ٻين مذهبن
جا به ڪي باني ٿي گذريا هئا، جيئن ته
مرقيون، ابن ويصان، مزدڪ ۽ ماني.
مرقيون، روم جي ٻارهين شهنشاه يا
قيصر جي زماني ۾ رهندو هو.
انهيءَ کان ٽيهه ورهيه پوءِ، ابن ويصان
پيدا ٿيو. ماني وري، ايران جي بادشاهه
شاپور بن اردشير جي زماني ۾ هو.
مزدڪ، قباد جو همعصر هو.
مرقيون جي ڪتاب جو نالو انجيل هو،
جو جنسي عربيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي.
مرقيون جي مذهب جو مکيه اصول هيءُ
هو ته جهان روشنائيءَ ۽ اونداهيءَ مان
پيدا ٿيو آهي ۽ خدا، جهان نه ٺاهيو آهي،
ڇالاءِ جو اُهو، برائيءَ کان خالي ناهي ۽
خدا، برائي ڪڏهن ڪين پيدا ڪندو.
ابن ويصان، مرقيون جي مذهب جي
هڪڙي شاخ چئي ٿي سگهجي. انهيءَ جا

ٿي ڪتاب ترجمو ٿيا: ڪتاب النور والظلمه، ڪتاب روحانيت حق، ڪتاب المتحرڪ والجماد.
مانيءَ ،نبوت جي دعوى ڪئي □ پاڻ کي، فارقليط سمجهندو هو، انهيءَ به، پنهنجو هڪ انجيل لکيو. انهيءَ جو عقيدو اهو هو، ته روشنائي □ اونداهي، قديم آهن. انهيءَ جي فقه □، جانورن کي کهڻ □ نباتات توڙي باهه □ پاڻيءَ کي نقصان رسائڻ، حرام آهي. مانيءَ جا ست ڪتاب آهن، جن مان هڪڙو، فارسي زبان □ □ ڇهه سرياني ٻوليءَ □ آهن. اُهي ڇهه هي آهن:

- سفرالاسرار،
- سفر الجبارت،
- فرايض السماعين،
- شاپورگان،
- سفر الاحياءِ □
- فرقماطيه.

انهن کان سواءِ، ماني جا ٻيا به ڪيترا رسالا آهن، جن سڀني جا، عربيءَ □ ترجما ٿيا. علامه ابو ريحان بيروني □ ابن النديم،

پنهنجن ڪتابن ۾، انهن جو پتو ڏين ٿا. مانيءَ جا عربي ترجمو ٿيل ڪتاب، ايترو ته مشهور ٿي ويا، جو گهڻا ماڻهو، سندس مذهب جا شمار ٿيڻ لڳا. گهڻا معتبر عالم ۽ ماڻهو، جن مانيءَ ۽ سندس ڪتابن بابت لکيو، سي انهيءَ بدناميءَ هيٺ آيل هئا، پر حقيقت ڪري، اُهي ماڻهو، آزاد خيال وارا ۽ بي تعصب هئا ۽ هنن جو مدعا اهو هو، ته ٻين جي مذهبن جي اصولن جي خبر پوي. متعصب ماڻهن جي نظر ۾، غير مذهب وارن جو نالو وٺڻ به، ڪفر ليکبو هو.

ايران ۾، پونئين مذهب جو باني مزدڪ هو، جو نوشيروان جي پيءُ، قباد جي زماني ۾ رهندو هو ۽ جنهن جو معتقد، قباد پاڻ هو. مزدڪ جو مذهب، قريب، هاڻوڪن بولشوسڪ يا سوشلسٽن وارو هو. يعني سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي، ٻئي ماڻهوءَ جي مال ملڪ ۽ ناموس تي اختيار آهي، انهيءَ ڪري زنا، گناهه شمار ٿيل نه هو.

مزدڪ جي ڪتاب جو عربي ترجمو به، عبدالله بن المقنع ڪيو □ علامه بلخيءَ، انهيءَ بابت، هڪڙو ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو"عيون المسائل والجوابات" آهي.

علم ادب وانشا

فارسي قصن □ ڳالهين جا ڪي ڪتاب به، مسلمانن ڪي هٿ آيا، جي هنن عربيءَ □ ترجمو ڪيا. انهن مان مکيه ڪتاب هزار افسانه هو. جو ايران جي بادشاهن ڪي رات جي جاڳڻ جي عادت وجهڻ لاءِ پڙهندا هئا. انهيءَ جو ترجمو، عربيءَ □، الف الليله نالي سان ٿيو. اصلوڪي ڪتاب □، هڪ هزار □ پن سون ڪان ڪي گهٽ راتيون هيون. هاڻوڪو الف الليله اهو ناهي، اُهو، هڪڙي ٻئي ڪتاب تان ناهيل آهي، جو محمد بن عبدوس جهشياريءَ، گهٽيون آڪاڻيون گڏ ڪري، هڪڙو نئون ڪتاب بنايو، جنهن جو ذڪر ابن النديم ڪيو آهي.

بوسفارس، محه خسروا، مرمن، خرافته ونزه، خرس وخرگوش، سگ زمانه، شاه زنان، روزبه، نمرود نامه، يتيمه، عهدارد

شير، كليله ودمنه، عمارت بن حمزه، ماهانيه، نامئه فرخ زاد، نامه مهران وحسيس. انهن مان پونيان به، ته نوشيروان جي وزير بوز جمهر جي لاءِ، انهن نالن وارن موبدن لكيا هئا، □ كليله ودمنه، اهو آهي، جنهن مان پوءِ، انوار سهيلي ٿيو، □ يتيمه، اهو مشهور عمدو كتاب آهي، جو ايراني، قرآن مجيد جي مقابلي □ پيش كندا هئا □ جنهن جو جواب، علامه باقلانيءَ كي، پنهنجي كتاب، اعجاز القرآن □ ڏيڻو پيو.

انهيءَ ساڳئي مضمون تي، مٿين كتابن كان سواءِ، هيٺيان فارسي كتاب به، عربيءَ □ ترجمو ٿيا:

آداب كبير، آداب صغير، جي ٻئي، عبدالله بن المقنع ترجمو كيا. اردشير في التدبير □ بن مردبود، جن مان پهريون، اردشير بادشاھ لاءِ □ پيو هرمز بن كسرى لاءِ لكيو ويو هو. توقيعات كسرى، جنهن □ نوشيروان جا جاري كيل فرمان □ حكم آهن، بفردوس، □

موبد موبدان، جي پئي، اخلاق جا ڪتاب
آهن.

جنگ جو هنر

جنگ جي هنر ۽ تعليم جا ڪي فارسي
ڪتاب به، عربيءَ ۾ ترجمو ٿيا. انهن مان
مکيه آداب الحروب آهي، جنهن ۾ لشڪر
بيهارڻ، قلعن ۽ شهرن جي گهيري ڪرڻ
۽ سرحدن جي مضبوطائيءَ ۽ اهڙين ٻين
تجويزن جو ذڪر آهي. اُهو، اردشير جي
لاءِ تيار ڪيو ويو هو. تعبيه الحروب، آداب
السادرت، جن ۾ پيادن ۽ سوارن
جا قواعد آهن. ڪتاب الرمی، جو
تيراندازيءَ بابت آهي ۽ بهرام گور جو
جوڙيل هو ۽ گوي وچوگان، ٻهدريءَ جي
مشهور راند بابت هو.

انهن کان سواءِ، شڪاربازي ۽ بيطاري
قيافه ۽ ٻين مضمومن بابت ڪتابن جا به
ترجما ٿيا، جن جا نالا، ابن النديم جي
فهرست ۾ ڏنل آهن، جنهن ۾ اٽڪل
پنجويهن ٿيهن مترجمن جا نالا ڏنل آهن.
مٿين ڪتاب ۽ مصنفن کان سواءِ، هيٺيان
قديم ايراني بزرگ پڻ آهن، جن جون

تصنيفون به، عربيءَ ۾ ترجمو ٿيون. ايران
جو بادشاهه هوشنگ، پيغمبرن ۾ شمار ڪيل
آهي ۾ سندس ڪتاب به، ايراني پيغمبرن
جي ڪتاب ”دساتير“ ۾ داخل آهن. هن جو
هڪڙو ڪتاب، حڪمت عمليءَ بابت،
جاودان خرد نالي، جو وزير گنجور بن
اسفنديار، قديم فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو،
جنهن تان خليفي مامون عباسيءَ جي وزير
حسن بن سهل، عربيءَ ۾ لکيو ۾ انهيءَ
جي تڪميل، ابوعليءَ ڪئي. حڪيم
جاماسپ، جو گشتاسپ جو ڀاءُ هو ۾
زردشت جو به شاگرد هو ۾ هندي حڪيم
چنڪر نڪاچه جو به شاگرد هو، تنهن جو
ڪتاب جاماسب نامه، جنهن کي فرهنگ
ملوڪ ۾ اسرعجم به چوندا آهن ۾ جنهن ۾
تارن جي اڀرڻ جو ايندڙ وقت ۾ پنجن
هزارن ورهن تائين واقعا اڳواٽ ڏيکاريل
آهن، سو به ترجمو ڪيو ويو. حڪيم بنادق،
نوشيروان جي وقت جو مشهور طبيب هو.
انهيءَ جون نصيحتون، ابوعلي سينا، نظم ۾
آنديون. حڪيم اصطفن به، هڪڙو ڪلداني
منجم هو، جنهن جو ڪتاب پڻ، ترجمو ٿيو.

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/#Articles/Book8/Book_page3.html

اسلام جا ٽيهتر فرقا